هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سنّتن ڀريو بيان

22-December-2016



## اخلاقِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون جهلڪيون

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اخلاقِ مصطفٰي جون جهلڪيون

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شَفاعت نِشان آهي: جيڪو شخص صُبح ۽ شام مون تي 10، 10 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهندو، قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.[1]

شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی سِوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے

(حدائقِ بخشش، ص188)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب،كتاب النوافل،الترغيب فى آيات و اذكار ...الخ،١/٣١٢، حديث:٩٩١

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ جي خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيترِيون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻه زانوٽي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ الجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام ۽ مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هڪ مسلمان جي لاءِ هر هر معاملي ۾ حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ هڪ بهترين نمونو آهي، جنهن کي ڀرپور انداز ۾ اپنائيندي هر مسلمان دُنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري اڄ اسان پنهنجي پياري پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مُبارَڪ مان سندن اخلاق

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين، سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

مبارڪ جي باري ۾ ٻُڌنداسين جن جي بلنديءَ عظمت کي الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي اوڻٽيهين (29 هين) سيپاري جي سُوْرَۃُ قَلَم جي آيت نمبر 4 ۾ ائين بيان فرمايو:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿۴﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ تون نهايت اخلاق جو مالڪ آهين.

اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي بِعثت جو مقصد ۽ حُسنِ اَخلاق جي اهميت واضح ڪندي ارشاد فرمايائون: بُعِثْتُ لِاُتَمِّمَ حُسْنَ الْاَخْلَاقِ يعني مون کي اَخلاق جي حُسن ۽ خوبي کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ئي موڪليو ويو آهي.(1)

تِرے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا! ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

شعر جي مختصر وضاحت: يا رسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اللهعَزَّوَجَلَّ اوهان جي مُبارَڪ عادتن ۽ طريقن کي قرآنِ ڪريم ۾ عظيم فرمايو ۽ سندن ظاهري جسم کي بہ اِنتهائي حُسن ۽ جمال بخشيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن ۽ پياري پياري ادائن کي پيدا ڪرڻ واري رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو حسين ۽ جميل نہ پهريان ڪڏهن ٿيو ۽ نہ آئنده ڪڏهن ٿي سگهي ٿو.

اچو! اڄ اسان اَخلاقِ مُصطَفٰي جون ڪجھ ايمان افروز جهلڪيون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا ۽ نيت ڪيون ٿا تہ اسان بہ پنهنجا اَخلاق دُرست

1… مؤطا امام مالک،کتاب حسن الخلق، باب ماجاء فی حسن الخلق،۴۰۴/۲،حدیث:۱۷۲۳

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ مُصطفٰي ۾ اِستغاثو پيش ڪندي عرض ڪن ٿا.

مرے اَخلاق اچھے ہوں مرے سب کام اچھے ہوں

بنادو مجھ کو تم پابندِ سُنّت یا رسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش، ص332)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَخلاقِ مُصطفٰي جو بهترين مثال

حضرت سَيدُنا زيد بن سَعنَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جيڪي (اسلام آڻڻ کان) پهريان هڪ يهودي عالِم هئا، انهن هڪ دفعي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجھ ڪجيون خريد ڪيون هيون. ڪجور ڏيڻ جي مُدّت ۾ اڃا 2 يا 3 ڏينهن باقي ها ته اُنهن مسجد ۾ حضور، سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامن ۽ چادر پڪڙي نهايت تکي نگاهن سان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن ڏسندي ائين چيو: اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! عبدالمطّلِب جي تمام اولاد جو هي طريقو آهي ته توهان هميشه ماڻهن جا حق اَدا ڪرڻ ۾ دير ڪندا آهيو ۽ حيلا بهانه ڪرڻ اوهان ماڻهن جي عادت بڻجي چڪي آهي. هي منظر ڏسي اميرُالمومنين حضرت سَيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ نهايت ڪاوڙ واري نظر سان گهُوريندي ان کي چيو: اي خُدا عَزَّوَجَلَّ جا دُشمن! ڇا تون خُدا عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي گُستاخي ڪري رهيون آهين؟ خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَدب جو لحاظ نه هجي ها ته مان هينئر پنهنجي تلوار سان تنهنجي سسي لاهي ڇڏيان ها. اهو ٻڌي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (عاجزي ڪندي) فرمايائون: اي عُمَر! توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟ تو کي

www.dawateislami.net

هي ڪپي ها تہ مون کي حق جي ادائيگي جي ترغيب ڏئي ۽ ان کي نرمي سان تقاضو ڪرڻ جي هدايت ڪري اسان ٻنهي جي مدد ڪيو ها. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو تہ اي عُمَر! ان کي ان جي حق جي برابر کجور ڏئي ڇڏيو! ۽ کجھ وڌيڪ بہ ڏيو. حضرت سَيِدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جڏهن حق کان وڌيڪ کجور ڏنا تہ انهن چيو: اي عُمَر! منهنجي حق کان وڌيڪ ڇو ڏئي رهيا آهيو؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمايو: جيئن تہ مون تکي نگاهن سان ڌسي تو کي خوفزده ڪيو هو، ان ڪري حضورِ انور، مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي دلجوئي جي لاءِ تنهنجي حق کان کجھ وڌيڪ ڏيڻ جو مون کي حڪم ڏنو آهي. هي ٻڌي انهن چيو: اي عُمَر! ڇا توهان مون کي سڃاڻو ٿا تہ مان ڪير آهيان؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايائون: نہ، چيائين مان يهودين جو عالِم زيد بن سَعنہَ آهيان.

اميرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عُمَرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: پوءِ توهان رسولِ شاندار، منبعِ انوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي گستاخي ڇو ڪئي؟ جواب ڏنائين: اي عُمَر! اصل ڳالھ هي آهي تہ مون رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ موجود نبوت جون تمام نشانيون سڃاڻي ورتيون پر 2 نشانين جي باري ۾ مون کي انهن جو امتحان ڪرڻ باقي رهجي ويو هو. (1) سندن انهن جي قُوّتِ برداشت سندن غَضَب تي غالب رهندي ۽ (2) جيتري قدر گهڻو انهن سان جهالت ڀريو ورتاءُ ڪيو ويندو، ايتري قدر سندن حِلم (يعني صبر ۽ تَحَمُّل) وڌندو ويندو. مون سندن ٻنهي نشانين کي بہ سندن ۾ ڏسي ورتو، اي عُمَر! اوهان گواھ ٿيو تہ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رَبّ هئڻ، اسلام جي دِين هئڻ ۽ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي هئڻ تي راضي ٿيس، مان نهايت ئي مالدار ماڻهو آهيان، اوهان گواھ ٿيو تہ مون پنهنجو اڌ مال مڪي مدني

www.dawateislami.net

سرڪار، مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّت تي صدَقو ڪيو، پوءِ هو بارگاهِ رسالت ۾ آيو ۽ ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو.(1)

ترے اَخلاق پر قُرباں ترے اَوصاف پر واری مسلماں کیا عَدُو بھی تیرا قائل یا رسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۳۳۷)

وضاحتِ شعر:۔ يعني يارسُولَ اللهُ! مان اوهان جي عُمده وصف ۽ بهترين اَخلاق تي قربان ٿيان جو پنهنجا ته پنهنجا، غَير به اوهان جي اَخلاقِ حَسَنه ۽ اَوصافِ حميده کان متاثّر ها.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! ڏسو اوهان ته الله تعاليٰ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪيتري قدر عمده اَخلاق جو پيڪر بنايو آهي، ڀلي ڪو لک ڀيرا دل ڏُکائي، بد تميزي ۽ بد اَخلاقي ڪري، حق طلب ڪرڻ ۾ بي ادبي ڪري، خاندان وارن کي بُرا ڀلو چوي، الغرض بد اَخلاقي جون تمام حدون پار ڪري ڇڏي پر قُربان وڃجي حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، محبوبِ رَبّ دَاوَر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خُلقِ عظيم تي ڇوته سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جيَ بدران هميشه حِلم ۽ بُردباري، صبر ۽ استقامت ۽ نرمي اختيار ڪندا ها. بداَخلاقي ڪرڻ واري جي چند پنڻ، مارڻ، ڌمڪيون ڏيڻ، اکيون ڏيکارڻ يا ان سان ڪنهن به قسم جي بد اَخلاقي ڪرڻ جو ته حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان تصوُّر ئي نٿو ڪري سگهجي بلڪ اوهان ته بداَخلاقي سان پيش اچڻ واري تي به لطف ۽ ڪرم جي بارش ڪندا ها ۽ ان کي پنهنجي حسين اَدائن جو اَسِير بڻائيندا ها.

---

1... مستدرک،کتاب معرفة الصحابة،ذکر اسلام زید بن سعنة ...الخ، ۷۹۳/۴،حدیث: ۶۶۰۶ملتقطاًوملخصاً

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِنهيءَ اَخلاقِ ڪريمانه جي برڪتن سان فيضياب ٿي بي شُمار غير مسلمن اِسلام قبول ڪيو ۽ بي شُمار ماڻهن جي زندگين ۾ اهڙو مدني انقلاب آيو جو هر پاسي اسلام جي ڦهلجندڙ روشني گمراهي ۽ ضلالت جي اونداهين کي مٽائي ڇڏيو ۽ قتل و غارت گري ڪرڻ واري رت جي پياسين کي محبت جو جام پيئڻ نصيب ٿيو.

دَورِ جہالت تھا ہر سُو جب کُفُر کی ظلمت چھائی تھی
تم نے حیوانوں جیسے لوگوں کو بھی اِنسان کیا

(وسائلِ بخشش،ص196)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انهيءَ طرزِ عمل (يعني حُسنِ اَخلاق) کي سامهون رکندي اڄ اسان پنهنجو مُحَاسَبو ڪيون ته پنهنجي ذاتي دُشمنن کي مُعاف ڪري ڇڏڻ جو هي جذبو ڇا اسان غُلامانِ رسول ۾ به موجود آهي؟ يقيناً اسان پاڻ ته وڏيون وڏيون غلطيون ڪري ٻين طرفان عَفو ۽ دَرگُذر ۽ مُعافي جي اُمّيد رکندا آهيون، پر ڇا اسان پنهنجي حق تلفي ٿيڻ تي ڪڏهن ڪنهن مُعافي جي طلبگار، نادِم ۽ شرمسار تي شفقت ۽ مهرباني ڪندي پنهنجي اَنا کي فنا ڪندي پنهنجي ان مسلمان ڀاءُ جو عُذر قبول ڪيو ۽ ان کي معاف ڪري اجر ۽ ثواب ڪمايو يا شيطان جي هٿن ۾ ڪيڏيندي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گار گند ڪري يا عار ڏياري ان مسلمان جي عزّت کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو؟

بهرحال اسان سيني کي گهرجي ته اسان نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت ۽ ڪردار کي پنهنجي لاءِ عمل جو نمونو بڻايون، پنهنجا

www.dawateislami.net

اَخلاق سنوارڻ جي ڪوشش جاري رکون، اَخلاق سنوارڻ جي ترغيب ڏياريندي نبي مُڪرَّم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: اَحْسِنْ خُلُقَكَ يعني پنهنجا اَخلاق سنواريو.[1] تنهنڪري اسان کي کپي ته پاڻ ۾ صبر ۽ تَحَمُّل، حِلم ۽ بُردباري، محبت ۽ نرمي، عَفو ۽ دَرگُذر، شرم ۽ حيا، وڏن جو اَدَب و احترام، ننڍن تي شفقت ۽ مهرباني، سيني مسلمانن جي لاءِ ايثار ۽ همدردي ۽ خيرخواهي جهڙيون عُمده صفتون پيدا ڪيون ۽ پنهنجي سٺي اَخلاق ۽ ورتاؤ جي ذريعي رَفته رَفته مُعاشري جي بد اَمني ۽ بي چيني کي اَمن و اَمان ۽ چين و سُڪون ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکون، اسان جو ڪردار ايترو قدر اعليٰ هئڻ گهرجي جو ماڻهو اسان جو اَخلاق ڏسي دِينِ اسلام جي ويجهو اچن ۽ اهو سوچڻ تي مجبور ٿين ته جڏهن غُلامن جو اَخلاق ايترو پيارو آهي ته پوءِ انهن جي آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اَخلاق ڪيتري قدر عاليشان هوندو.

خُلق کی دولت سے یہ محروم و بدگُفتار ہے　　سے　اَخلاق　دولتِ　آقا　مال　مالا　کردو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۴۷۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي ٻانهن جي هدايت جي لاءِ پنهنجن نبين ۽ رسولن کي انتهائي اعليٰ صفتن سان مُزَين ڪري مبعوث فرمايو ۽ سڀ کان آخر ۾ اسان جي آقا ۽ موليٰ،احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام نبين جي صفتن جو جامِع بنائي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿي تي خُلقِ عظيم جو تاج سجائي دُنيا ۾ موڪليو، مڪي مدني سُلطان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَخلاق جي حُسن ۽ خُوبي جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته

1… شعب الايمان،باب فی حسن الخلق،۶/۲۴۶،حديث:۸۰۲۹

www.dawateislami.net

هڪ ڀيري حضرت سيدُنا سَعد بن هشَام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: مون کي رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَخلاق جي باري ۾ ٻڌايو، تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمايائون: ڇا توهان قرآن نٿا پڙهو؟ مون عرض ڪيو: جي ها پڙهان ٿو. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اَخلاق قرآن آهي.⁽

اعليٰ حضرت پنهنجي نعتيہ ديوان ”حدائقِ بخشش“ ۾ اَخلاقِ مُصطَفٰي کي بيان ڪندي بارگاھ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تُجھ سا ہوا ہے نہ ہو گا شَہا! ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم (حدائق بخشش، ص۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان کي ڪو شخص معمولي تڪليف پهچائي يا ٿوري بہ بداَخلاقي جو مظاهرو ڪري تہ اسان حُسنِ اَخلاق ۽ عَفوءِ دَرگُذر سان ڪم وٺڻ جي بدران ان جا دُشمن بڻجي ويندا آهيون ۽ مختلف طريقن سان ان کان بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، پر قربان وڃو! رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَخلاقِ حَسَنہ تي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جاني دُشمنن کي بہ مُعاف فرمائي ڇڏيندا هئا، جيئن

مڪي شريف جي فتح ٿيڻ کان پهريان جن ڪافرن جي طرفان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان تي زمين تنگ ڪئي وئي هئي، طرح طرح جون دَردناڪ تڪليفون ڏنيون ويون، مڪو فتح ٿيڻ ۽ مسلمانن کي

www.dawateislami.net

غَلَبو حاصل ٿيڻ بعد ٻين قيدين سان گڏوگڏ انهن خونخوار درندن کي بہ گرفتار ڪري عدالتِ مُصطَفٰي ۾ حاضر ڪيو ويو، جيڪڏهن ان موقعي تي ڪو ٻيو دُنيوي شهنشاهہ هجي ها تہ شايد انهن جي لاءِ سخت کان سخت سزائون تجويز ڪري ها، پر شهنشاهہ ڪون و مڪان، رحمتِ دو جهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو، اچو! اسان بہ ٻڌون تا ۽ مدني گل حاصل ڪيون ٿا:

## فتح مڪہ واري ڏينهن عام مُعافي جو اعلان

مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 862 صفحن تي مُشتمل ڪتاب سيرتِ مُصطفيٰ جي صفحي 437 تي آهي تہ ٨؁ھ ۾ جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَهنشاهہ اسلام جي حَيثيت سان حرمِ الٰهي ۾ سڀ کان پهريون دربارِ عام مُنعَقِد فرمايو، جنهن ۾ اِسلامي فوج جي علاوه هزارين اسلام جي دُشمنن جو هڪ زَبَردَست هجوم هو. ان شَهنشاهي خُطبي ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڳو اهلِ مڪہ ئي نہ بلڪ سيني ماڻهن کي عام خطاب فرمايو. خُطبي کان پوءِ شَهنشاهہ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان هزارن جي ميڙ ۾ هڪ گهري نگاهہ وڌي تہ ڏٺائون تہ ڪنڌ جُهڪائي، نگاهون هيٺ ڪري، خوف ۽ ڊپ ۾ قريش جا سردار بيٺل آهن. انهن ظالمن ۽ جَفاڪارن ۾ اهي ماڻهو بہ ها، جنهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راهن ۾ ڪنڊا وڇايا، اهي ماڻهو بہ ها جيڪي ڪيئي ڀيرا پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿرن جي بارش ڪري چڪا ها. اهي خُونخَوار بہ ها جنهن بار بار پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قاتِلاڻا حملا ڪيا ها، اهي بي رحم ۽ بي دَرد بہ ها، جنهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ ڏندن (جي ڪجهہ حصّي) کي شهيد ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري کي رتو رت ڪيو هو. اهي بد معاش بہ هئا جن سالن تائين پنهنجي بُهتانن ۽ شرمناڪ گارين سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَلبِ مُبارَڪ کي زَخمي ڪري

www.dawateislami.net

چڪا هئا. اهي سَفّاڪ ۽ دَرِندہ صِفَت بہ هئا، جن سندن ڳچي ۾ چادر جو ڦندو وجهي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گلو گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُون جا پياسا بہ هئا، جن جي اُڃ نُبُوَّت جي رت کان سواءِ ڪنهن شيءِ سان ختم نہ ٿئي هئي. اهي جَفاڪار ۽ خُونخوار بہ ها جن جي جارِحانہ حملن ۽ ظالماڻي يلغار سبب بار بار مدينہ مُنوَّرہ جا دَر ۽ دِيوار لڏي چڪا هئا. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچي، حضرت سَيِدُنا حمزہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي قاتل ۽ سندن نڪ، ڪن ڪٽڻ واري، سندن اکيون ڪڍڻ وارا، سندن جگر چٻائڻ وارا بہ ان مَجمَع ۾ مَوجُود ها، اهي سِتم گار جنهن شَمعِ نُبُوَّت جي جان نثار پروانن حضرت بلال،حضرت صُهيب، حضرت عَمّار،حضرت خَبَّاب، حضرت خُبَيب، حضرت زيد بن دَثِنَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم وغيرہ کي رَسّين سان ٻڌي ڪري ڪوڙا هڻي تپندڙ ريتيءَ تي لٽايو هو، ڪنهن کي باھ جي ٻرندڙ ڪوئلن تي سُمهاريو هو، ڪنهن کي فراسين ۾ ويڙهي ناسن ۾ دونهان ڏنا ها، سو پيرا گلو دٻايو هو. اڄ اهي سڀ جا سڀ ڏھ (10)، ٻارهن (12) هزار مُهاجرين و اَنصار جي لشڪر جي حِراست ۾ مُجرِم بڻجي ڏڪي رهيا ها ۽ پنهنجي دلين ۾ هي سوچي رهيا هئا تہ شايد اڄ اسان جي لاشن کي ڪتّن جي حوالي ڪري اسان جون ٻوٽيون پکين کي کارايون ويندڀون ۽ اَنصار ۽ مُهاجرين جي غَضَب ناڪ فوج اسان جي ٻار ٻچن کي مٽي ۾ رلائي اسان جي نَسلن کي نِيست و نابُود ڪري ڇڏيندي ۽ اسان جي وسندين کي تاخت و تاراج (تباھ ۽برباد) ڪري ويران ڪري ڇڏيندا، انهن مُجرمن جي سِينن ۾ خوف ۽هراس جو طُوفان اٿي رهيو هو. دَهشَت ۽ ڊپ سبب انهن جي بدنن جو هر حصو ڏڪي رهيو هو، دل ڌڙڪي رهيا ها، تمام گهڻو خوف ڇانيل هو. انهيءَ مايوسي ۽ نااُمّيدي جي خطرناڪ فَضا ۾ هڪ دَم شَهنشاھ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڀري نگاھ انهن ڏانهن مُتوَجّہ ٿي ۽ اُن مُجرِمن کان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو تہ

www.dawateislami.net

ٻڌايو! توهان کي ڪجهه معلوم آهي تہ اڄ مان توهان سان ڪهڙو مُعامَلو ڪرڻ وارو آهيان؟ ان دَهشَت اَنگيز ۽ خوفناڪ سوال سان مُجرِم حواس وڃائي ڏڪڻ لڳا، پر جَبينِ رحمت جي پيغمبرانہ تيور کي ڏسي سڀ ڳڏجي يڪ زبان ٿي چيائون تہ اوهان وڏي ڪرم وارا آهيو.

سيني جون نماڻيون نگاهون جَمال ِنُبُوَّت ڏانهن ڏسي رهيون هيون ۽ سيني جا ڪن شهنشاهہ نُبُوَّت جو فيصلو ڪن جواب ٻڌڻ جي انتظار ۾ ها جو يڪدم فاتح مڪہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪريمانہ لهجي ۾ ارشاد فرمايو: لَاتَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَآءُ اڄ توهان تي ڪو اِلزام ناهي، وڃو توهان سڀئي آزاد آهيو.

بالڪل غير مُتوقع طور تي اوچتو هي فرمانِ رِسالت ٻڌي سيني مُجرِمن جون اکيون شرمساري وچان اَشڪبار ٿي ويون ۽ انهن جي زبانن تان نڪرندڙ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ جي نعرن سان حرمِ ڪعبہ جي در ۽ دِيوار تي هر طرف اَنوار جي بارش ٿيڻ لڳي ۽ هڪ دَم ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ

جہاں تاریک تھا، بے نُور تھا اور سخت کالا تھا
کوئی پردے سے کیا نکلا کہ گھر گھر میں اُجالا تھا (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اُمُّ المومنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: مَا انْتَقَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِنَفْسِهٖ فِىْ شَىْءٍ قَطُّ يعني رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪنهن مُعاملي ۾ پنهنجي ذات جي لاءِ انتقام نہ ورتو.(2) تنهنڪري فتح مڪہ جي

1… سيرتِ مصطفى،۴۳۷تا۴۴۱بتغير قليل
2… بخاري،ڪتاب الادب،باب قول النبی يسروا …الخ ،۴/ ۱۳۳،حديث:۶۱۲۶

www.dawateislami.net

ڏينهن انهن جي همت وڏي ته جيڪڏهن ان وقت به اسان انهن کان لُطف ۽ ڪرم جي خيرات طلب ڪنداسين ته هي رحيم ۽ ڪريم آهن مايوس نه ڪندا.

یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں ۔ یہ حق کے بندوں کو حق سے مِلانے آئے ہیں
یہ بھُولے بِچھڑوں کو رَستے پہ لانے آئے ہیں ۔ یہ بُھولے بھٹکوں کو ہادِی بنانے آئے ہیں
چمک سے اپنی جہاں جگمگانے آئے ہیں ۔ مہک سے اپنی یہ کُوچے بسانے آئے ہیں
جو گر رہے تھے اُنہیں نائبوں نے تھام لیا ۔ جو گر چکے ہیں یہ ان کو اُٹھانے آئے ہیں
رؤف ایسے ہیں اور یہ رحیم ہیں اِتنے ۔ کہ گرتے پڑتوں کو سِینے لگانے آئے ہیں

سرڪار جي آمد...مرحبا •• سردار جي آمد ...مرحبا •• آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا •• پياري جي آمد ...مرحبا •• سٺي جي آمد ... مرحبا
سچي جي آمد ...مرحبا •• سهڻي جي آمد ...مرحبا •• دلبر جي آمد ...مرحبا
مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اسان جي پياري آقا ،مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه صرف پنهنجي عمل جي ذريعي سڄي زندگي ماڻهن سان حُسنِ اَخلاق وارو ورتاءُ ڪيو بلڪ پنهنجي غُلامن کي به حُسنِ اَخلاق اختيار ڪرڻ جو درس ڏيندي ڪيئي ڀيرا ان جا دُنيوي ۽ اُخروي فائدا به بيان ڪيا. اچو هن باري ۾ ست (7) فرامين مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. حضور سرورِ ڪونين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: توهان ماڻهن کي پنهنجي مال سان خُوش نٿا ڪري سگهو، پر توهان جي خنده پيشاني ۽ خُوش اَخلاقي اُنهن کي خُوش ڪري سگهي ٿي. (شعب الایمان، باب فی حسن الخلق،۶/ ۲۵۴، حدیث: ۸۰۵۴ )

www.dawateislami.net

2. توهان جتي بہ هجو، الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو، گُناهہ ٿيڻ تي نيڪي ڪري وٺو، اها نيڪي ان گُناهہ کي مِٽائي ڇڏيندي ۽ ماڻهن سان سٺو ورتاءُ ڪيو. (ترمذی ،کتاب البر و الصلۃ،باب ماجآء فی معاشرۃ الناس،۳۹۷/۳،حدیث:۱۹۹۴ )

3. ننڍي کان ننڍي نيڪي کي بہ حقير نہ سمجهو، چاهي اها نيڪي اها ئي هجي تہ توهان پنهنجي ڀاءُ سان مرڪندڙ چهري سان ملو. (مسلم، کتاب ، باب استحباب طلاقۃ الوجہ عند اللقاء،ص۱۴۱۳،حدیث:۲۶۲۶ )

4. سڀاڻي قيامت جي ڏينهن مومن ٻانهي جي ميزانِ عمل ۾ حُسنِ اَخلاق کان وڌيڪ وزني ڪو عمل نہ هوندو ۽ بيشڪ فُحش گوئي ۽ بد ڪلامي کي الله عَزَّوَجَلَّ پسند ناهي ڪندو. (ترمذی، کتاب البر و الصلۃ ،باب ماجآء فی حسن الخلق، ۴۰۳/۳، حدیث :۲۰۰۹)

5. ٻہ خصلتون اهڙيون آهن جيڪي مُنافق ۾ موجود نہ ٿيون ٿي سگهن، سٺا اَخلاق ۽ دِين جي سمجهہ. (ترمذی، کتاب العلم، باب ماجاء فی فضل الفقہ علی العبادۃ، ۳۱۳/۴ ، حدیث: ۲۶۹۳)

6. اَکۡمَلُ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اِیۡمَانًا اَحۡسَنُھُمۡ خُلُقًا ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل اهي مومن آهن، جن جا اَخلاق وڌيڪ بهتر هجن. ( ابو داؤد ، کتاب السنۃ،باب الدلیل...الخ،۲۹۲/۴،حدیث:۴۶۸۲ )

7. منهنجي ويجهو توهان مان سڀ کان وڌيڪ پسنديده ۽ قيامت جي ڏينهن منهنجي تمام ويجهو اهي ماڻهو هوندا، جنهن جا اَخلاق سڀ کان وڌيڪ سٺا هوندا. (ترمذی، کتاب البر و الصلۃ ،ماجاء فی معالی الاخلاق،۴۰۹/۳،حدیث:۲۰۲۵)

مُفسّرِ شهير،حڪيم الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: ان جوَ ڪيئي ڀيرا تجربو ٿيو جو ◈ سٺي اَخلاق واري جي دُنيا دوست هوندي آهي، بُري اَخلاق واري جا سڀئي دُشمن، گهر وارا بہ ۽ ٻاهر وارا بہ ◈ چڱي اَخلاق واري جي گهر ۽ ٻاهر وارا سڀئي تعظيم ۽ خدمت ڪندا آهن، بُري اَخلاق وارو هر جڳهہ سزا ئي ماڻيندو آهي. (مراۃ المناجیح، ۵ /۱۶۷، بتغیر قلیل)

www.dawateislami.net

تنھنڪري جيڪڏھن اسان چاھيون ٿا تہ ماڻھو اسان سان محبت ڪن، اسان جي ڳالھ ڏيان سان ٻڌن ۽ ڪو بہ اسان ڪان بيزار نہ ٿئي تہ اسان کي گھرجي تہ اسان ھر مسلمان سان خُوش اَخلاقي سان پيش اچون، بدقسمتي سان ھڪ تعداد اھڙي آھي جيڪا ان مُعاملي ۾ بہ پستي جو شڪار آھي، مالدارن يا پڙھيل لکيل سان تہ پوءِ بہ حُسنِ سُلوڪ جو مظاھرو ڪيو ويندو آھي، پر غريبن، اڻ پڙھيل يا گھٽ پڙھيل لکيل سان تہ بداَخلاقي ۽ بد تميزي جي اِنتھا ڪئي ويندي آھي، بالخصوص پنھنجي گھر جي اَفراد سان تہ اَخلاقيات جو عام طور لحاظ ناھي ڪيو ويندو، ڪجھ ماڻھو ٻاھر وارن سان تہ حُسنِ اَخلاق سان پيش ايندا آھن پر گھر ۾ ايندي ئي خبر ناھي ڇا ٿي ويندو آھي جو حُسنِ اَخلاق، عاجزي ۽ نوڙت وساري شينھن چيتي جيان گجگوڙ ڪندا ۽ رُعب ڪندا آھن، حالانڪ ھي اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جي سَراسَر خلاف آھي ڇوتہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ وڏن ننڍن، امير و غريب ايستائين جو غُلامن سان بہ حُسنِ سُلوڪ وارو ورتاءُ ڪندا ھا.

حضرت سَيدُنا اَنَس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمائن ٿا تہ حُسنِ اَخلاق جا پيڪر، سيني نبين جا سرورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غُلامن جي دعوت کي بہ قبول ڪندا ھا. جَوَ واري ماني ۽ سادي ڪاڏي جي دعوت پيش ڪئي ويندي ھئي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي قبول ڪندا ھا. غريب ماڻھو بيمار ٿيندا ھا تہ انھن جي عيادت ڪندا ھا، غريب ۽ نادار ماڻھن کي صُحبت جو شَرَف بخشيندا ھا ۽ پنھنجي صحابہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم اَجۡمَعِین سان گڏجي نِشَست فرمائيندا ھا.

اُمُّ المُؤمِنِين حضرتِ سَيدَتُنا عائشہ صدّيقہ طيبہ طاھرَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو بيان آھي تہ حُضُور رحمت عالَم، شاھ آدم و بني آدم، رسولِ مُحتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏھن ڪڏھن پنھنجي پنيان سواري تي پنھنجي ڪنھن خَادِم کي بہ ويھاري

www.dawateislami.net

**ڇڏيندا هئا-** ( سيرتِ مصطفی ، ۶۰۷ ملتقطاً بتغير قليل )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري نُوري آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بهترين اَخلاق جون برڪتون جهڙي طرح ٻاهر وارن کي نصيب ٿينديون هيون، اهڙي طرح گهر ۾ خاندان وارن سان بہ چڱي اَخلاق جو ورتاوُ ڪرڻ ۾ پاڻ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ڪو ثاني نہ هو.**

**اُمُّ المؤمنين حضرتِ سَيِدَتُنا عائشہ صدّيقہ** رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھَا **کان سوال ٿيو تہ ڇا نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **گهر ۾ ڪم ڪندا ها؟ فرمايائون: ها رحمت عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **پنهنجي نعلين مُبارَڪ پاڻ ڳنڍيندا ها ۽ ڪپڙن ۾ چتيون لڳائيندا ها ۽ اهي تمام ڪم ڪندا ها جيڪي مرد پنهنجي گهرن ۾ ڪندا آهن.** (مسند امام احمد ،۹/ ۵۱۹،حديث: ۲۵۳۹۶ )

هن روايت ۾ مڙسن جي لاءِ گهريلو معاملن جي حوالي سان بي شُمار مدني گل موجود آهن. عموماً گهر ۾ مڙس جو مزاج پنهنجي گهرواريءَ تي حڪم هلائڻ جو هوندو آهي. معمولي ڪم جي لاءِ بہ ان کي تنگ ڪيو ويندو آهي، حالانڪ ڪيئي ڪم مڙس بَہ آساني پاڻ بہ ڪري سگهي ٿو، پر تورو هلڻ بہ هو پنهنجي شان جي خلاف سمجهندو آهي ۽ وڌيڪ هي جيڪڏهن گهرواريءَ اُن جا اهي ڪم ڪري بہ ڏئي تہ سو سو نخرا ڪندو آهي، طرح طرح جا نقص ڪڍندو ۽ هرويرو ان کي چڪر لڳرائيندو آهي مثال طور ڪاڏو اڳيان رکيو وڃي تہ لوڻ يا مِرچ مصالحا ڪم زياده ٿيڻ تي تبصرو ڪرڻ لڳندو آهي ۽ جيڪڏهن سڀ برابر هجن تہ ذائقي جي باري ۾ ڳالهائيندو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي بہ گنجائش نہ هجي تہ پوءِ ان طرح جون ڳالهيون ڪندو آهي ”اهو ڇو نہ پچايو؟ هي ڇو پچايو؟ اها تہ دل کي وڻي ئي نٿي، ڪٽي وڃ منهنجي اڳيان کان، مون کي هينئر هينئر فلان شيءِ پچائي ڏئي“ وغيره وغيره.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪپڙن تي اِستري ڪئي وڃي ته چوندو آهي هي وڳو چو اِستري ڪيو؟ هي نه پائيندس، هيئنر جو هيئنر فُلاڻو وڳو اِستري ڪري ڏئي، پاڻي پيش ڪيو وڃي ته چوندو آهي مان هن گلاس ۾ نه پيئندس، شيشي جي گلاس ۾ ڪٿي اچ، شيشي جي گلاس ۾ ڏنو وڃي ته چوندو آهي ايتري قدر ٿڌو يا ايترو گرم پاڻي چو ڪٿي آئين؟ وچ ۾ ان ۾ ٻيو پاڻي مِلائي اچ وغيره وغيره، ائين بِلاوجه گهرواريء کي پڄائيندو رهندو آهي. ها جيڪڏهن ڪا ڳالهه مِزاج جي خلاف هجي مثال طور پاڻي ٿڌو ڪپي ٿو، ان گرم آڻي ڏنو ته سهڻي انداز سان ٿڌي جو مُطالبو ڪري، دابا دڙڪا نه ڏئي ۽ سيني ڪمن ۾ ائين ئي ٿئي.

اي ڪاش! اسان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اَدائن ۽ خُوبصورت اَخلاق مان ڪجھ سکڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ گهر ۾ چاهت ۽ خُلُوص ڀريو مدني ماحول قائم ڪرڻ جي غرض سان حتي الامڪان پنهنجي گهر وارن جو هٿ ونڊائڻ جي به ڪوشش ڪيون.

اچو! حُسنِ اَخلاق جي فضيلت تي مشتمل ڪجھ وڏيڪ روايتون ٻڌون ٿا:

1. خوفِ خُدا ۽ سنا اَخلاق ماڻهن کي سڀ کان وڌيڪ جنّت ۾ داخل ڪندا.(1)

2. مسلمان کي سني اَخلاق کان بهتر ڪا شيء ناهي ڏني وئي.(2)

3. مومن پنهنجي سني اَخلاق جي ڪري رات ۾ عبادت ڪرڻ ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ واري جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي.(3)

---

1… ترمذی،کتاب البروالصلۃ،باب ماجاء فی حسن الخلق ،۴۰۴/۳،حدیث:۲۰۱۱ملخصاً

2… شعب الایمان،باب فی حسن الخلق،۶/ ۲۳۵، حدیث:۷۹۹۲مفہوماً

3… ابو داود،کتاب الادب،باب فی حسن الخلق، ۳۳۲/۴،حدیث:۴۷۹۸

www.dawateislami.net

اَخلاق ہوں اچّھے مرا کِردار ہو سُتھرا مَحبوب کا صَدقہ تُو مجھے نیک بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان سٺي اَخلاق جون فضيلتون ٻڌيون، جنهن کي ٻڌڻ بعد يقيناً اسان جو بُرا اَخلاق ڇڏڻ ۽ سٺا اَخلاق اَپنائڻ جو ذِهن بہ بڻيو هوندو، پر سُوال هي پيدا ٿئي ٿو تہ سٺي اَخلاق مان مُراد آهي؟ اچو ٻڌون ٿا تہ سٺا اَخلاق ڇا ڪي چوندا آهن؟

## سٺا اَخلاق ڇا کي چوندا آهن؟

هڪ شخص حُسنِ اَخلاق جي پيڪر،مَحبوبِ رَبِّ اَڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سٺي اَخلاق جي باري ۾ سُوال ڪيو، تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي اڳيان اها آيت سڳوري تِلاوَت فرمائي:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ(۱۹۹)

ترجموڪنزالايمان: اي محبوب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

اَميرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا موليٰ مشڪل ڪشا، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الْكَرِيْم فرمائن ٿا تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: ڇا مان اڳين ۽ پوين جي بهترين اَخلاق جي باري ۾ توهان جي رهنمائي نہ ڪريان عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ضرور ارشاد فرمايو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري توهان ان کي عَطا ڪيو، جيڪو توهان تي ظُلم ڪري توهان ان کي مُعاف ڪري ڇڏيو ۽ جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي توهان ان سان تعلق ڳنڍيو. (1)

---

1… شعب الايمان،باب فی صلة الارحام،۲۲۲/۶،حديث:۷۹۵۶

www.dawateislami.net

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن مُبارَڪ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: خُوش مزاجي سان مُلاقات ڪرڻ، خُوب پلائي ڪرڻ ۽ ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيڻ، بهترين اَخلاق مان آهي.(1)

هو اَخْلاق اچّها هو ڪِردار سُتهرا مجهے مُتَّقِي تُو بنا يا الٰهي

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۱۰۴)

## ڪتاب ”حُسنِ اَخلاق“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اخلاقِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون برڪتون ماڻڻ ۽ پاڻ کي سٺي اَخلاق جي زيور سان مُزَين ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 91 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”حُسْنِ اَخْلاق“ جو مطالعو اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ نهايت مُفيد ثابت ٿيندو، هي ڪتاب حضرت سَيدُنا امام طبراني رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه جي عربي تصنيف ”مَكارِمُ الْاَخْلَاق“ جو اُردو ترجمو آهي. اَلْحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ حسن اَخلاق، نرم مِزاجي، عاجزي، ماڻهن سان دَرگُذر ڪرڻ، چڱا عمل ڪرڻ، ماڻهن سان محبت ڪرڻ ۽ ٻين ڪيئي عادتن ۽ عبادتن جي فضيلتن وغيره کي بيان ڪيو ويو آهي تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيةً طَلَب ڪري پاڻ بہ هن جو مُطالعو فرمايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. مجلسِ تراجم جي طرفان هن ڪتاب جو 2 زبانن "اِنگلش ۽ هندي" ۾ ترجمو بہ ڪيو ويو آهي.دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاون لوڊ (Download)۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو. ان جي علاوه رسالا ”مٺا ٻول، اِحترامِ مُسلم“ جو مطالعو بہ تمام فائديمند رهندو. اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

1... ترمذی،،کتاب البروالصلة،باب ماجاء فی حسن الخلق،۴۰۴/۳، حديث:۲۰۱۲

www.dawateislami.net

## ڏيءَ کي اذيت ڏيڻ واري کي بہ مُعاف ڪري ڇڏيو

تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي حضرت سَيِدَتُنا زَينَب رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي اُن جي مڙس ابُو العَاص بن ربيع رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ غزوه بدر کان بعد مدينہ مُنَوَّره جي لاءِ روانو ڪيو. جڏهن قُرَيشِ مڪہ کي سندن روانگي جي خبر پئي تہ انهن حضرت سَيِدَتُنا زَينَب رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو پيڇو ڪيو ايستائين ذِی طُوىٰ نالي مقام تي اُنهن کي ڏنائون. هبَّار بن اَسوَد حضرت سَيِدَتُنا زَينَب رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي نيزو هنيو جنهن سبب پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اُٺ تان ڪري پيون ۽ سندن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو حمل ضائع ٿي ويو.(1)

حضرت سَيدُنا جُبَيربن مُطعِم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مقامِ جِعِرَّانہ تان واپسي تي اسان رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ويٺل هئاسين ايتري ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دروازي مان هبَّار بن اَسوَد (جنهن اجا تائين اسلام قبول نہ ڪيو هو) داخل ٿيو (۽ ويهي رهيو)، صحابہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ اَجْمَعِين عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هبَّار بن اَسوَد (آيو آهي). اِرشاد فرمايائون: مون ان کي ڏسي ورتو آهي. هڪ شخص ان کي مارڻ جي لاءِ اٿي بيٺو تہ نبي مڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ويهڻ جو اشارو ڪيائون. هبَّار بيهي ڪري چيائين، اي الله (عَزَّوَجَلَّ) جا نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! اوهان تي سلامتي هجي، مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله تعاليٰ جي علاوه ڪو معبود ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله (عَزَّوَجَلَّ) جا رسول آهن. يارَسُولَ الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! مان اوهان کان ڀڄي ڪيئي شهرن ۾ ويس ۽ مون چاهيو تہ عَجَمِين (يعني غير عربين) جي مُلڪن ۾ وڃي رهان، پوءِ مون کي اوهان جي نرم دِلي، صِلہ رِحمي ۽ جهالت واري ورتاءُ ڪرڻ واري سان اوهان جو دَرگُذر ڪرڻ ياد اچي

---

1… سيرت نبويّۃ لابن ہشام،غزوة بدر الكبرى،خروج زينب الى المدينۃ،ص٢٧١-٢٧٠ملخصاً

www.dawateislami.net

ويو. اي الله (عَزَّوَجَلَّ) جا نبي (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! اسان شِرڪ ۾ مبتلا هئاسين پوءِ الله (عَزَّوَجَلَّ) اوهان جي وسيلي سان اسان کي هدايت ڏني ۽ اسان کي هلاڪت کان نَجات بخشي، تنهنڪري اوهان منهنجي جهالت ۽ منهنجي ان ڳالهه سان جيڪا اوهان تائين پهتي آهي، دَرگُذر فرمايو ڇو ته مان پنهنجي بُري ڪم جو اِقرار ۽ پنهنجي گناهه جو اِعتِراف ڪيان ٿو .

رحيم ۽ ڪريم آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايائون: وڃ مون تو کي مُعاف ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ تو تي اِحسان ڪيو آهي جو ان تو کي اِسلام جي هدايت ڏني ۽ اِسلام اڳوڻن تمام گُناهن کي مِٽائي ڇڏيندو آهي.[1]

سو بار ترِا ديکھ کے عفو اور ترَحُّم ‏ ‏ ہر باغی و سرکش کا سر آخر کو جُھکا ہے
برتاؤ تیرے جبکہ یہ اَعدا سے ہیں اپنے ‏ ‏ اَعدا سے غُلاموں کو کچھ اُمید سِوا ہے
ہم نیک ہیں یا بد ہیں پھر آخر ہیں تمہارے ‏ ‏ نسبت بہت اچھی ہے اگر حال بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ‏ ‏ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اسان جا منا منا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عَفو ۽ دَرگُذر ۽ خُلقِ عظيم جي ڪهڙي اعليٰ مقام تي فائز آهن، يقيناً پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مالڪ و مختار آهن جيڪڏهن چاهن ها ته هبَّار بن اَسوَد جي لاءِ هلاڪت جي دُعا ڪن ها، ته الله تعاليٰ ان کي صفحه هستي تان مٽائي ڇڏي ها، پر حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙو ڪجهه نه ڪيو، ٿورو غور ڪيو ته رحيم ۽ ڪريم آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بي مثال فضل ۽ احسان ۽ خُلقِ عظيم سان هر خاص ۽ عام متاثر هو، ڇو؟ اهو ان ڪري جو رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليا ويا ۽ خُلقِ عظيم جي باڪمال منصب سان نوازيا ويا آهن،

1… الاصابہ،حرف الھاء،الھاء بعدہاالباء،۶ /۴۱۲-۴۱۳

www.dawateislami.net

پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ئي جي در سان ڏک درد ڏيڻ وارن مجرمن ۾ مُعافي جا پروانا ورهايا ويندا آهن ۽ ظلم ۽ زيادتي جي بدلي ۾ دُعائون ڏنيون ويندڀون آهن، جيئن

## قوم جي لاءِ هدايت جي دعا

غزوه اُحُد ۾ جڏهن مديني جي سلطان،رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا مبارَڪ ڏند ن (جي ڪجھ حصي) ڪي شهيد ۽ چهري مبارڪ کي زخمي ڪيو ويو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن جي لاءِ هن طرح دُعا فرمائي: اَللّٰھُمَّ اھۡدِ قَوۡمِی فَاِنَّھُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي قوم کي هدايت عطا فرما ڇوتہ هي ماڻهو مون کي سڃاڻن نٿا.[1]

حق کی راہ میں پتھر کھائے خُوں میں نہائے طائف میں
دِین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سُلطان کیا
جان کے دُشمن خون کے پیاسوں کو بھی شہرِ مکّہ میں
عام مُعافی تم نے عطا کی کتنا بڑا اِحسان کیا

(وسائلِ بخشش مرمم،ص197)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اَخلاقِ حَسَنہ جي عظيم مرتبي تي فائز هئڻ جي باوجود بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سٺي اَخلاق جي دُعا گهرندا ها، جنهن ۾ يقيناً اسان غُلامن جي لاءِ اها تعليم آهي تہ اسان بہ چڱا اَخلاق اختيار ڪيون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان چڱي اَخلاق ملڻ جي دُعا گهرندا ڪيون.

ہو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا
مجھے مُتّقی تُو بنایا اِلٰہی

(وسائلِ بخشش،ص104)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1 ... شفاء،الجزء الاول،اما الحلم،۱۰۵/۱ ملتقطاً

www.dawateislami.net

اچو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مدني بهار ٻڌون ٿا:

## جهيڙاڪ سُڌري ويو

واهه ڪينٽ (ٽيڪسلا، پنجاب، پاڪستان) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو ڪجهہ ان طرح آهي: مان جواني جي نشي ۾ بدمَست رهندو هئس. ماڻهن کي تنگ ڪرڻ، مذاق مسخري ڪرڻ، طنز ڪرڻ،گهروارن سان جهيڙو جهگڙو ڪرڻ، منهنجي عادات ۾ شامل هو. اوچتو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي سان وابستہ منهنجي وڏي ڀاءُ مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري، آئون عاشقانِ رسول سان گڏ هڪ مهيني جي مدني قافلي جو مُسافر بڻجي ويس، مدني قافلي جي برڪت سان سنّتن تي عمل ۽ عبادت جو ذوق نصيب ٿيو. بالخصوص اسلامي ڀائرن جي اَخلاق ايترو متاثر ڪيو جو منهنجي دل ۾ شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سان محبت جي شمع روشن ٿي وئي پوءِ هڪ رات سُتس تہ خواب ۾ اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون: پٽ! سڀاڻي اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مُلاقات ٿيندي. ٻئي ڏينهن واقعي اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سان مُلاقات ۽ دست بوسي جو شرف حاصل ٿيو، پاڻ دُعائن سان نوازيو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهي ڏينهن مون کي پنهنجن گُناهن کان سچي توبہ نصيب ٿي ۽ آئون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

خُوب خُود داریاں اور خُوش اَخلاقیاں آیئے سیکھ لیں قافلے میں چلو
اچھی صُحبت ملے خوب برکت ملے چل پڑو چل پڑیں قافلے میں چلو
بے عمل با عمل بن گئے خاص کر آپ بھی دیکھ لیں قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص671تا676)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بداَخلاقي جا ديني ۽ دنيوي نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! حسن اَخلاق جي لازوال نعمت سان مالا مال خُوش نصيب مسلمان دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ۽ سڀني جو محبوب هوندو آهي، جڏهن ته بُري اَخلاق جي بيماري ۾ مبتلا ماڻهن کي دُنيا ۽ آخرت ۾ شرمندگي ۽ افسوس جي علاوه ٻيو ڪجهه نه ورندو. اچو! بُري اَخلاق جي ڪجهه دِيني ۽ دُنيوي نُقصانن جي باري ۾ ٻڌون ٿا

◈ بد اَخلاقي نحوست آهي، ◈ بد اَخلاقي پاڻ بہ بدعملي آهي ۽ ڪيئي بد عملين جو ذريعو آهي.[1] ◈ ڪوڙ، ننڍي، وعده خلافي سيئي بداَخلاقي جون شاخون آهن.[2] ◈ بد اَخلاقي پاڻ ۾ اختلاف جو سبب آهي.[3] ◈ بد اَخلاقي پاڻ ۾ بغض ۽ حسد ۽ جدائي پيدا ڪندي آهي.[4] ◈ بد اَخلاقي کان پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پناه گهري.[5] ◈ بد اَخلاقي ۽ بدزباني سان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيندو آهي، ◈ بد اَخلاقي عمل کي ائين خراب ڪندي آهي جيئن سِرڪو ماکي کي خراب ڪندو آهي.[6] ◈ بد اَخلاقي جي سبب گراهڪ دڪاندار وٽ ايندي ڪيٻائيندا آهن ◈ بد اَخلاقي بُرو شگون آهي،[7] ◈ بداَخلاقي جيڪڏهن انساني شڪل ۾ هجي ها ته اها (نهايت) بُرو ماڻهو هجي ها،[8] ◈ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ سڀ کان وڏي بُرائي بُرا اَخلاق آهن.[9] ◈ بيشڪ بي حيائي ۽ بد اَخلاقي جو اسلام

---

1... مرآۃُ المناجيح،۶/۴۳۶

2... مرآة المناجيح،۶/۴۳۶

3... احياء العلوم،۲/۵۶۹بتغير قليل

4... احياء العلوم،۲/۵۶۹

5... ابو داود كتاب الوتر،باب فی الاستعاذة،حديث:۱۵۴۶،۲/ ۱۳۰ماخوذاًومفهوماً

6... معجم كبير، محمد بن كعب ...الخ ،۱۰ /۳۱۹، حديث: ۱۰۷۷۷

7... كنز العمال،كتاب الاخلاق،قسم الاقوال،الباب الثانی...الخ ،الجزء۳،۲/۱۷۸،حديث:۷۳۴۳

8... كنز العمال،كتاب الاخلاق،قسم الاقوال،الباب الثانی،الفصل الاول ،الجزء الثالث،۲ /۱۷۸، حديث: ۷۳۵۱

9... جامع الاحاديث ،۱۹/۴۰۶ ، حديث : ۱۴۹۲۲ملخصاً

www.dawateislami.net

جي ڪنهن شيء سان ڪو تعلق ناهي.[1] ◈بد اَخلاقي تبليغِ دين جي راهه ۾ نهايت وڏي رُڪاوٽ آهي، ◈ بد اَخلاقي سان ڪڏهن ڪڏهن زال مڙس ۾ طلاق جي نوبت اچي ويندي آهي، ◈ بد اَخلاقي جي نحوست سان گهر جو سُڪون برباد ٿي ويندو آهي، ◈ بد اَخلاق هڪ گُناهه کان توبه ڪندو آهي ته ان کان بدتر گُناهه ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي.[2] ◈ بداَخلاق شخص کي ڪيئي ڀيرا ناڪامين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي مطلب ته بداَخلاقي ڪثير برائين جو مجموعو ۽ دُنيا ۽ آخرت ۾ هلاڪت ۽ بربادي جو سبب آهي، تنهنڪري اسانکي کپي ته اسان نه صرف پاڻ ان آفت کان بچون بلڪ ٻين مسلمانن کي به ان کان بچندي رهڻ جي ترغيب ڏياريو. الله عَزَّوَجَلَّ سڀئي مسلمانن کي حسن اَخلاق جي لازوال دولت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بھاگتے ہیں سُن لے بد اَخلاق انساں سے سبھی      مسکرا کر سب سے ملنا دل سے کرنا عاجزی

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۹۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَخلاق سنوارڻ جا طريقا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيئنر اسان بداَخلاقي جي دِيني ۽ دُنيوي نُقصانن جي باري ۾ ٻڌو آهي، اُميد آهي ته انهن کي ٻڌي دل ۾ ان سان نفرت پيدا ٿي هوندي ۽ توبه جو ذهن بڻيو هوندو، پر سوال هي آهي ته آخر اهي ڪهڙا اهڙا اُمور آهن جنهن جي برڪت سان اسان پنهنجي اَخلاق کي سنوارڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. ته ياد رکو! اَخلاق کي درست ڪرڻ جيتوڻيڪ هڪ مشڪل ڪم آهي، پر ناممڪن ناهي، اسان جو ڪم محض ڪوشش ڪرڻ آهي، ڪاميابي ڏيڻ واري ذات، الله تبارڪ و تعاليٰ جي آهي. اچو! اَخلاق سنوارڻ ۽ چڱن

1... مسند احمد،مسند البصريين،حديث ابی عبد الرحمن، ۴۳۱/۷، حديث: ۲۰۹۹۷

2... جامع الاحاديث للسيوطی،قسم الاقوال،۳۷۵/۲،حديث: ۶۰۶۴

www.dawateislami.net

اَخلاق جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ ٻارهين جي نسبت سان 12 طريقا ڏنو ۽ ان تي عمل جي ڪوشش جي نيت بہ ڪيو:

(1) اَخلاق سنوارڻ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ ٻاڏايو ۽ پنهنجي هٿن کي بلند ڪري اشڪبار اکين سان بُري اَخلاق کان نجات جي دُعا گهرو، (2) ڪنهن پيرِ ڪامل جو دامن مضبوطي سان پڪڙي ونو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اَخلاق سنورجي ويندا (3) سٺي اَخلاق جي فضيلتن ۽ بُري اَخلاق جي نُقصانن تي مشتمل حديثن ۽ روايتن، واقعن ۽ بزرگن جي قولن کي بار بار پڙهو (4) ڏينهن جو اڪثر حصو خاموشي اختيار ڪيو ۽ وس آهر لکي يا اشاري سان گفتگو جي عادت بڻايو، (5) پابندي سان تلاوتِ قرآن مع ترجمو قرآن ڪنزالايمان ۽ ان سان تفسير خزائن العرفان يانورُالعرفان يا صراطُ الجنان جو مُطالعو ڪرڻ جو معمول بڻايو (6) بُرن ماڻهن جي صحبت کان بچندا رهو (7) دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جا ٻارهن (12) مدني ڪمن کي پنهنجي دل سان ساندي ونو، (8) دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماعات ۽ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علم ۽ حڪمت سان ڀرپور مدني مذاڪرن ۾ پابندي سان شرڪت فرمايو (9) دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول سان گڏ يڪمشت 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 1 مهينو (30 ڏينهن) ۽ سڄي عُمر هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رِسالو ڀريو (10) دعوتِ اسلامي تحت ٿيڻ واري فيضانِ فرض عُلوم ڪورس، ڪردارسازڪورس يعني "12 ڏينهنن جو مدني ڪورس" ۽ مدني تربيتي ڪورس ڪري ونو. (11) مدني چينل تي نشر ٿيڻ وارا مختلف سلسلا ڏسندا رهو (12) دعوتِ اسلامي تحت 100 کان وڌيڪ شعبن مان ڪنهن شعبي ۾ پنهنجي خدمت پيش ڪيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن طريقن تي عمل جي برڪت سان بُري اَخلاق جو خاتمو ٿيندو ۽ سنا اَخلاق اپنائڻ جو ذهن بڻجندو.

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے
(وسائل بخشش مرمم، ص۱۳۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ ڊاڪٽرز

دعوتِ اسلامي تبليغِ دين جي ڪم وبيش 103 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي. جنهن مان هڪ شعبو ”مجلسِ ڊاڪٽرز“ بہ آهي، مَوجُوده دَور جي طبيبن جي اَڪثريت عام طور بُنيادي ضروري دِيني عُلُوم کان اڻ واقف نظر اچي پئي، تنهنڪري انهن جي تعليم وتَربِيت جي لاءِ دعوتِ اسلامي ”مجلسِ ڊاڪٽرز“ جو بُنياد رکيو، طِب جي شعبي سان وابستہ ڊاڪٽرز کي بنيادي ضروري ديني مسئلن کان آگاهي فراهم ڪرڻ، انهن جي سُنّتن جي مطابق تَربِيت ڪرڻ ۽ انهن کي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصْلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي تحت زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ، ان مجلس جي بُنيادي مقصدن ۾ شامل آهي. هن شعبي سان وابستہ اسلامي ڀاءُ جيڪڏهن هن شعبي ۾ خدمتون ادا ڪرڻ چاهين تہ پنهنجي شهر جي نگرانِ شهر مشاورت کان رابطو فرمايو. الله تعاليٰ دعوتِ اسلامي ۽ مجلسِ ڊاڪٽرز کي وڌيڪ ترقيون ۽ برڪتون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

متا متا اسلامي ڀائرو! صاحبِ خُلقِ عظيم، محبوبِ ربِّ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اخلاقِ ڪريمہ تي مشتمل اهڙيون بي شُمار حديثون ۽ واقعا موجود آهن جنهن کي پڙهي عقل حيران رهجي ويندا آهن ۽ بُري اَخلاق ۽ سخت مزاج وارن کي پنهنجي اصلاح جي توفيق ۽ حسن اَخلاق، نرمي ۽ عَفو و دَرگُذر جي دولت نصيب ٿيندي آهي جڏهن تہ خُوش اَخلاق مسلمانن جي اَخلاق ۾ گهڻي بهتري ۽ انهن کي ايمان جي تازگي ملندي آهي. اچو! ترغيب لاءِ اخلاقِ مُصطَفٰي جون وڌيڪ ڪجھ جهلڪيون ملاحظہ ڪيو ۽ ان جي برڪتن سان پنهنجي اَخلاق کي مزين ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو، جيئن

## اَخلاقِ مُصطَفٰي جون جهلڪيون

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي رسالي ”احترامِ مسلم“ ۾ اَخلاقِ مُصطَفٰي جي ڪجھ جهلڪين کي هيئن بيان فرمائن ٿا:

◈ سلطانِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر وقت پنهنجي زبان جي حفاظت فرمائيندا هئا ۽ صرف ڪم جي ئي ڳالھ ڪندا هئا ◈ اچڻ وارن کي مَحبَّت ڏيندا هئا، اهڙي ڪا ڳالھ يا اهڙو ڪو ڪم جنهن سان نفرت پيدا ٿئي اهڙي ڪا شيء نہ ڪندا هئا ◈ قوم جي معزز فرد جو احترام فرمائيندا هئا ۽ ان کي قوم جو سردار مقرر فرمائيندا هئا ◈ ماڻهن کي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي خوف جي تلقين فرمائيندا هئا ◈ مخلوق کي ايذاء پهچائڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائيندا هئا. پر پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خوش مزاجي ۽ خوش اخلاقي ۾ فرق نہ ايندو هو◈ صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي خبر گيري فرمائيندا هئا ◈ ماڻهن جي چڱين ڳالهين جي چڱائي بيان ڪندا هئا ۽ ان جي حوصلہ افزائي فرمائيندا هئا، بُري شيءِ کي بُرو ٻڌائيندا ۽ ان تي عمل کان روڪيندا هئا ◈هر معاملي ۾ اِعتدال (يعني وچٿرائي) کان ڪم وٺندا هئا ◈ ماڻهن جي اصلاح کان ڪڏهن بہ غفلت نہ فرمائيندا هئا ◈پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اٿڻ ويهڻ ذِڪرُ اللّٰہ تي هوندو هو◈ جڏهن

www.dawateislami.net

ڪٿي تشريف وٺي ويندا هئا ته جتي جڳهه ملي ويندي هئي اتي ويهي رهندا هئا ۽ ٻين کي به ان جي تلقين فرمائيندا هئا ◈ پاڻ وٽ ويٺلن جي حقوق جو لحاظ رکندا هئا ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر رهڻ واري هر فرد کي اهو ئي محسوس ٿيندو هو ته سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي سڀني کان وڌيڪ چاهيندا آهن◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري گفتگو ڪرڻ واري سان گڏ ان وقت تائين تشريف فرما رهندا هئا جيستائين اهو پاڻ نه هليو وڃي ◈ جڏهن ڪنهن سان مصافحو فرمائيندا (يعني هٿ ملائيندا هئا) ته پنهنجي هٿ ڪيڻ ۾ اڳرائي نه فرمائيندا هئا ◈ سوال ڪرڻ واري کي عطا فرمائيندا هئا ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت ۽ خوش خُلقي هر هڪ جي لاءِ عام هئي ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس علم، حيا، صبر، ۽ امانت جي مجلس هئي ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ نه شور شرابو هوندو هو نه ڪنهن جي تذليل ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ ڪنهن کان ڀُل ٿي ويندي هئي ته نه ان کي شهرت ڏني ويندي هئي نه ئي ان جو مذاق اڏايو ويندو هو ◈ جڏهن ڪنهن جي طرف متوجهه ٿيندا هئا ته مڪمل توجهه فرمائيندا هئا ◈ نگاهون حيا کان جهڪيل رهنديون هيون ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنواري ڇوڪريءَ کان به وڌيڪ حيا وارا هئا ◈ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ◈ ٻارن کي به سلام ڪندا هئا ◈ جيڪو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڏيندوهو، جواب ۾ ”لَبَّيك“ (يعني مان حاضر آهيان) فرمائيندا ها، ◈ مجلس وارن جي طرف پير ڊگهانه فرمائيندا هئا ◈ اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا ◈ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن به ڪنهن کان بدلو نه وٺندا هئا ◈ برائي جو بدلو برائيءَ سان ڏيڻ جي بجاءِ معاف فرمائي ڇڏيندا هئا ◈ پنهنجي ذات جي ڪري ڪڏهن ڪنهن کي نه ماريو نه ڪنهن غلام کي ۽ نه ئي ڪنهن عورت (گهر واريءَ کي) ماريو ◈ گفتگو ۾ نرمي هوندي هئي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

www.dawateislami.net

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اللّٰه تعاليٰ جي ويجهو قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀني کان گهٽ بُرو اهو آهي جنهن کي ان جي بدڪلاميءَ جي سبب کان ماڻهو ڇڏي ڏين.[1] ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو ڪندا ها تہ (ايتري قدر رکي رکي ڪندا ها جو) لفظن کي ڳڻڻ وارو ڳڻي سگهي ٿو، ◈ طبيعت ۾ نرمي هئي ۽ سدا بهار رهندا هئا ◈ ڪڏهن بہ رڙيون نہ ڪندا هئا ◈ سخت گفتگو نہ فرمائيندا هئا ◈ ڪنهن کي عيب نہ لڳائيندا هئا ◈ بُخل نہ ڪندا ها ◈ پنهنجي مبارڪ ذات کي بالخصوص ٽن شين کان بچائي رکندا هئا جهڳڙي ڪرڻ، تڪبُّر ۽ غير ضروري شين ۾ پوڻ ◈ ڪنهن جو عيب تلاش نہ ڪندا هئا ◈ صرف اها ئي ڳالهہ يا ڪم ڪندا هئا جيڪو باعثِ ثواب هجي ◈ مسافر جي سخت ڪلامي ۽ نا مناسب سوالن تي صبر فرمائيندا هئا ◈ نہ ڪنهن جي ڳالهہ ڪٽيندا هئا نہ وچ ۾ ڳالهائيندا هئا ◈ ڪو فضول ڳالهائيندو هو تہ ان کي منع فرمائيندا هئا يا اتان کان اٿي ويندا هئا ◈ سادگيءَ جو عالم هي هيو جو ويهڻ جي لاءِ ڪا مخصوص جڳهہ بہ نہ رکي هئي جيڪا ٻين حاضرين کان ممتاز هجي (احياء العلوم ج 2 ص 396) ◈ ڪڏهن تڏي تي تہ ڪڏهن ايئن ئي زمين تي آرام فرمائيندا هئا ◈ ڪڏهن بہ ٺهڪ (يعني ايتري آواز سان کِلڻ جو ٻيا ماڻهو هجن تہ ٻڌي وٺن) نہ لڳائيندا هئا. ◈ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان فرمائن ٿا: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان وڌيڪ مرڪڻ وارا ها (يعني موقعي جي مناسبت سان). حضرت سَيِدُنا عبدُاللّٰه بن حارث رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنۡه فرمائن ٿا تہ مون رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ مرڪڻ ورو ڪو ڏٺو ئي ناهي.[2]

يا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں اُن تبسّم ریز ہونٹوں کی دُعا کا ساتھ ہو

(حدائقِ بخشش، ص۱۳۳)

---

1... احياء الۡعُلوم، ج۲ص۴۵۱

2... احترامِ مسلم،ص۲۸تا۳۰

www.dawateislami.net

شعر جي مختصر وضاحت: اي الله عَزَّوَجَلَّ ! سياڻي قيامت ۾ جڏهن پنهنجي ڏوهن تي اسان جون اکيون اشڪبار ٿين تہ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرڪندڙ چپن تان نڪرڻ واري مُبارڪ دُعائن جو صدقو اسان گناهگارن کي بہ عطا فرمائجا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله تعاليٰ اخلاقِ مُصطَفٰي جي طفيل اسان کي بہ سنن اَخلاق سان آراستہ ڪامل مسلمان بڻائي ۽ مرڻ گهڙي تائين دعوتِ اسلامي سان وابستگي نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

ان کی سنّت کا جو آئینہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

(وسائلِ بخشش، ص۴۷۲)

## عِمامي شريف جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163 مدني گل مان

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

عمامو ٻڌڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:
پهريان ٻہ فرامين مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: (1) عمامي سان گڏ باجماعت نماز ڏھ هزار نيڪين جي برابر آهي. [1] (2) عمامي سان گڏ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر عمامن جي برابر آهي.[2] ◈ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. [3]◈ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇھ گز کان وڌيڪ ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي.[4] ◈ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروھ آهي.[5] ◈عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌيو آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو.[6] ◈ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناھ مٽايو ويندو.[7] عمامي جا طبي فائدا ملاحظہ فرمايو: مٿي اگهاڙي رهڻ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... فردوس الاخبار،باب الصاد،ذكر الفصول...الخ،۲/ ۳۱،حديث :۳۶۲۱

2... ابنِ عساكِر، ذکر من اسمہ عبدان،عبدان بن زرّين ...الخ،۳۵۵/۳۷

3... كشف الالتباس فی استحبابِ اللباس، ص۳۸

4... فتاویٰ رضويہ،۱۸۶/۲۲

5... فتاویٰ رضويہ، ۷/ ۲۹۹

6... فتاویٰ ہندية،۳۳۰/۵

7... فتاوى رضويہ ،۲۱۴/۶ملخصاً

www.dawateislami.net

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ٻه ڪتابون "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ٻه آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو　　　پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے　　　ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو ٻه ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4)ڇهہ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الحادیۃ عشرة، ص 65

2...القول البدیع،الباب الثانی، ص277،

3...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانیۃ والخمسون،ص149

www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ اُمَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن(3)

---

[1]…القول البديع،الباب الاول،ص125

[2]… الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[3]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

**(1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.**

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آهي جنهن هن دعا کي** 3 **ڀيرا پڙهيو ته ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.**[1]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَ رَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

**(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله** عَزَّ وَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net